
# آلِ نبيِ جا فضائل

## 03-August-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

3 آگسٽ 2023ء پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آلِ نبيِ جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... اهل بيت ۾ ڪير ڪير شامل آهن؟

✿... سيني ڪان افضل نسب وارا؟

✿... اهل بيت دنيا وارن جي لاءِ اَمان آهن

✿... اهل بيت سان بغض رکڻ وارن جو انجام

پيشڪش

اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرت علي المرتضیٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، تہ تمام نبين جي سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو : اَلدُّعَاءُ مَحْجُوْب عَنِ اللهِ حَتّٰى يُصَلِّيَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ دعا الله پاڪ کان حجاب ( پردي ) ۾ آهي جيستائين محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندس اهل بيت تي درود نہ پڙهيو وڃي ،[1]

مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام
شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام
پارہائے صُحُف، غنچہائے قُدُس
اَہلِ بَیتِ نبوت پہ لاکھوں سلام

**وضاحت:** يعني رسول اڪرم نورِ مُجَسَّمْ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جگر جي ٽڪرن نبوت جي باغ جي مهڪندڙ مکڙين يعني اهل بيت سڳورن تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

---

[1] ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار، الباب الثامن في الدعاء، جزء:٢، ٣٥/١، حديث:٣٢١٢
[2] بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ٿا وٺون، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيترو دير ٿي سگهيو گوڏن پر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس گهُورڻ، جهڙڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس.

اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! تيمورلنگ تيموري سلطنت جو باني ۽ پهريون حڪمران 1336 عيسويءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ 1405 عيسويءَ ۾ يعني 69 سال عمر ماڻي، فوت ٿيو ، ان 10 سال جي عمر ۾ ئي قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو هو ، شيخ زينُ الدين بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا : مرضُ الْمَوت ۾ مبتلا هئا، هڪ ڏينهن سخت غم جي سبب سندن چهرو ڪارو ٿي ويو، رنگ بدلجي ويو، ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن حالت سُڌري تہ ماڻهن  ڪيس صورتِ حال ٻڌائي تہ بيماريءَ جي شدَّت سبب اچانڪ اوهان جو چهرو سياهه (ڪارو) ٿي ويو هيو، رنگ بدلجي ويو هيو، ان تي تيمور چيو: مون عذاب جا فرشتا ڏٺا هئا، اهي مون ڏي اچي رهيا هئا انهن کي ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو  جنهن سبب منهنجو رنگ ڪارو ٿي ويو هيو. پوءِ جلد ئي امت جا غمخوار نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا ۽ فرشتن کي فرمايائون: هن کي ڇڏي ڏيو ڇو تہ هي منهنجي اولاد (يعني سيدن زادن) سان محبت ڪندو آهي ، هي ٻڌي فرشتا واپس موٽي ويا

علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ: تيمور لِنگ جي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ محبوب آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما آهن ۽ تيمور لِنگ بہ پرسان وينو آهي، نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ڏسندڙ کي فرمايو: اي محمد بن حسن! تيمور منهنجي اولاد سان محبت ڪندو هيو.[1]

فضلِ رَبّ سے دو جہاں میں کامیابی پائے گا
دِل سے جو شیدا ہوا اَصحاب واَہلِ بیت کا

اے خُدائے مصطفےٰ! ایمان پر ہو خاتمہ
مغفرت کر! واسطہ اَصحاب واَہلِ بیت کا

جینا مرنا اُن کی الفت میں ہو یارَبّ! اور ہو
قُربِ جنّت میں عطا اَصحاب واَہلِ بیت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خدا پاڪ انهن جي پاڪيزگيءَ کي بيان ڪري ٿو

اي صحابہ ۽ اهل بيت عاشقو! اسان جي پياري آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ اولاد وڏي رتبي وارو عظمت ۽ شان وارو، تمام اعليٰ مرتبي وارو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾
(پ22،الاحزاب:33)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي نبيءَ جا گهروارؤ! الله تہ اهو ئي چاهي ٿو تہ توهان کان هر ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب صاف سٿرو ڪري

تفسير نور العرفان ۾ آهي تہ: ان جو هي مطلب ناهي تہ هي آيت نازل ٿيڻ کان پهريان اهل بيت سڳورا هاڻي تائين مَعَاذَ الله! گنهگار هئا، ان کان پوءِ پاڪائي ملي، بلڪ

[1] الشرف المؤبد مترجم، صفحو 261

مطلب هي آهي ته اي اهل بيت! الله پاڪ توهان کي گناهن ۽ بد اخلاقيءَ جي نجاست (پليتيءَ) سان آلوده ٿيڻ نه ڏيندو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پاڪ گهرواريون ۽ سندن اولاد پاڪ گناهن کان پاڪ آهي.[1]

## تمام برن اخلاقن کان پاڪ

صدرالافاضل مفتي محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هيءَ آيت ڪريمه اهل بيت سڳورن جي فضائل جو سرچشمو آهي. هن مان اهل بيت پاڪ جي اعليٰ خاصيتن ۽ وڏي شان ۽ عظمت جو اظهار ٿئي ٿو ۽ هن مان معلوم ٿئي ٿو ته الله پاڪ اهل بيت سڳورن کي تمام برن اخلاقن کان پاڪ رکيو آهي، بلڪ هر اها شيءِ جيڪا انهن جي اعليٰ مقام ۽ مرتبي جي لائق نه هجي، الله پاڪ انهن کي سندن کان محفوظ رکندو ۽ بچائيندو آهي.[2]

ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیاں | آیۂ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اہلِ بیت

## اهل بيت ۾ ڪير ڪير شامل آهن؟

حضرت امام فخرالدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: اهل بيت سڳورا ڪير آهن ان بابت مختلف قولَ آهن. اهو چوڻ بهتر آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي اولاد، سندن پاڪ گهر واريون اهل بيت آهن. حضرت امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ۽ حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به انهن ۾ ئي شامل آهن.[3]

## ڇا سيد سڳورا جهنم ۾ ويندا؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اهل بيت گناهن کان

---

[1] تفسير نورالعرفان، پ 22 ، الاحزاب آيت 33 جي تحت
[2] سوانح ڪربلا، ص 82
[3] تفسير الڪبير، پ 22، الاحزاب، آيت 33 جي تحت 168/9

محفوظ آهن معصوم نہ آهن چو تہ معصوم صرف نبيءَ سڳورا ۽ ملائڪ ئي هوندا آهن. محفوظ جو مطلب هي آهي تہ انهن کان گناھ ٿيڻ ممڪن تہ آهي، پر الله پاڪ انهن کي گناهن کان بچائيندو آهي، جڏهن تہ معصوم جو مطلب آهي: **اهي ماڻهو جن کان گناھ ٿيڻ شرعًا ممڪن ئي نہ هجي.**

وري اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ سادات سڳورن مان وڏي مرتبي وارا اهي بزرگ جيڪي ولي الله آهن، جهڙوڪ بيبي فاطمة الزهرا رَضِیَ اللّٰہ عَنۡهَا، امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنۡهُمَا، ائين ئي غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني، حضرت داتا گنج بخش علي هجويري، رَحِمَهُمَا اللّٰہُ وغيره هي تہ گناهن کان محفوظ آهن، پيا جيڪي سيدَ سڳورا آهن انهن کان گناهَ ٿي تہ ويندا آهن پر اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡكَرِيۡم! پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي سندن گناهن جي پڪڙ نہ ٿيندي، جيئن تہ ان سلسلي ۾ صحابہ ۽ اهلبيت جي عاشق اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا 2 فرمان مبارڪ پڙهو!

(1): هر صحيح النسب سيد(يعني اهو سيد جيڪو حقيقت ۾ علم الٰهي ۾ حسنين ڪريمين جي اولاد مان آهي، اهو) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم جو ٽڪرو (حصو) آهي، ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم جو ڪو بہ ٽڪرو (حصو) جهنم جو حقدار نہ آهي.[1]

(2): هڪ ٻي جاءِ تي فرمائن ٿا: ها! ايمان سلامت واري شخص (يعني جنهن سيد زادي جو ايمان سلامت هجي ان) جا عملَ ڪهڙا بہ هجن الله جي ڪرم مان پڪي اميد آهي تہ، جيڪي ان جي علم ۾ سيد آهن انهن جي ڪنهن بہ گناھ جي

[1] فتاوى رضويه ، 15/ 738

بلڪل به پڪڙ نه فرمائيندو.[1]

باغ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اہلِ بیت
تم کو مژدہ نار کا اے دشمنانِ اہلِ بیت
کس زباں سے ہو بیانِ عزّو شانِ اَہلِ بیت
مدح گوئے مصطفےٰ ہے، مدح خوانِ اہلِ بیت
ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیان
آیۂ تَطْہِیر سے ظاہِر ہے شانِ اَہلِ بیت
ان گھر میں بے اجازت جبرائیل آتے نہیں
قدر والے جانتے ہیں قدر و شانِ اَہلِ بیت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وچ! تو پاڻ کي دوزخ کان بچائي ڇڏيو

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته هڪ شخص مديني جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سِڱّي هنئين ۽ جسم مبارڪ مان جيڪو رت نڪتو يت جي پويان وڃي ان کي پي ڇڏيو. پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن انهن کان پڇيو ته رت جو ڇا ڪئي، ته ان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! تنهنجو رت مبارڪ هيو، ان کي زمين تي وهائڻ مون کي ناگوار لڳو، هاڻي اهو منهنجي پيٽ ۾ آهي. اهو ٻڌي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”وچ! تو پاڻ کي جهنم کان بچائي ڇڏيو“.[2]

مدارج النبوة ۾ آهي: جنگ احد جي موقعي تي جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زخمي ٿي پيا ته حضرت مالڪ بن سنان رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ انهن زخمن جو رت چوسي پي ڇڏيو. ان تي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي خوشخبري ڏني ته **”جيڪو جنتي انسان کي ڏسڻ چاهي ٿو ته هن کي ڏسي.**[3]

[1] فتاوی رضويه ، 29/ 640
[2] المواهب اللدنية، المقصد الثالث، الفصل الاول في كمال خلقته...الخ، ٧٦/٢ ملتقطًا.
[3] سنن سعيد بن منصور،كتاب الجهاد، باب من جرح في سبيل الله، ٢٢١/٢، حديث:٢٥٧٣ ملخصًا/ مدارج النبوت،

سُبْحٰنَ اللّٰه غور ڪريو! جن اصحابن سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم پاڪ مان نڪتل رت مبارڪ پيتو اُهي جهنم کان محفوظ ۽ جنت جا حقدار بڻجي ويا تہ پوءِ اهي پاڪ هستيون جيڪي ان ئي رت مان پيدا ٿيون آهن ۽ اهو مبارڪ رت انهن جي رڳن ۾ جاري آهي انهن کي جهنم جي باهہ ڪيئن ٿي ساڙي سگهي؟ [1]

## اللّٰہ پاڪ واعدو فرمايو آهي تہ...

رسول رحمت شفيع امت صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: منهنجي رب مون سان وعدو فرمايو آهي تہ منهنجي اهل بيت مان جيڪو بہ الله جي وحدانيت ۽ منهنجي رسالت جو اقرار ڪندو تہ اللّٰہ پاڪ ان کي عذاب نہ ڏيندو. [2]

آل واَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں، بادشاہ | میں فقط ادنٰی گدا اَصحاب واَہلِ بیت کا

## پاڻ ڪريمن جهڙو ڪو بہ ٿي نٿو سگهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! رت حرام آهي، انسان تہ انسان ڪنهن حلال جانور جو رت پيئڻ بہ جائز ناهي، ڇاڪاڻ تہ رت نجس هوندو آهي، پر اسان جي آقا و مولا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان نرالو آهي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي مثل ۽ بي مثال آهن، سندن رت مبارڪ نجس ناهي، ڪيترن ئي اصحابن سڳورن جسم پاڪ مان نڪتل رت مبارڪ پيتو آهي، ۽ پياري آقا و مولا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کان منع ناهي فرمايو، شارح بخاري علامہ بدرالدين عيني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمائن ٿا تہ: (رسول اللّٰہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رت مبارڪ جو حڪم عام ماڻهن جهڙو نہ آهي ۽) جنهن قول سان هي لازم

باب اول در بيان حسن خلقت وجمال، حصہ١، ص٢٦، ملخصا.
[1] مطلع القمرين، ص٦١ ملخصاً
[2] مستدرڪ، ڪتاب معرفة الصحابة، باب وعدني ربي الخ، ١٣٢/٤، حديث:٤٧٧٢.

اڇي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام انسانن جي برابر آهن، اُهو ڪنهن جاهل، بيوقوف ماڻهوءَ جو قول ٿي سگهي ٿو، ڀلا ڪٿي هُو اعليٰ مرتبي وارا! ۽ ڪٿي عام انسان!![1]

آپ جیسا کوئی ہو سکتا نہیں | اپنی ہر خوبی میں تنہا آپ ہیں[2]

## سڀ کان افضل نسب وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! اولادِ مصطفيٰ جو ڪيڏو شان نرالو آهي، هي اهي بلند مرتبي واريون هستيون آهن جن جي نسب جهڙو نسب دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ آهي. صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ: شان واري رسول، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ مخلوق کي 2 قسمن ۾ ورهايو، پوءِ مون کي ان مان افضل قسم ۾ رکيائين، پوءِ انهن 2 قسمن کي 3 قسمن ۾ ورهايائين، پوءِ مون کي انهن 3 مان سڀ کان افضل ۽ بهترين قسم ۾ رکيائين، پوءِ ان 3 قسمن جا قبيلا بڻايائين تہ مونکي سڀ کا افضل ۽ اعلیٰ قبيلي ۾ رکيائين، ان کان پوءِ قبيلن کي خاندانن ۾ ورهايائين، پوءِ مون کي افضل ۽ بهترين خاندان ۾ رکيائين،

جيئن الله پاڪ فرمائي ٿو:

إِنَّمَا يُرِيدُ اللَّهُ لِيُذْهِبَ عَنكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيرًا ﴿٣٣﴾

(پ22،الاحزاب:33)

ترجمو ڪَنزُ العرفان:اي نبيءَ جا گهروارؤ! الله تہ اهو ئي چاهي ٿو تہ توهان کان هر ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب صاف سٿرو ڪري

(شرف المؤبد، مترجم، ص:۹۶)

---

[1] ابنِ ماجه ،ڪتاب المساجد و الجماعات،باب من بني لله مسجدا ،صفحه:127،حديث:737۔

[2] …سفينۂ بخشش، ص۱۲.

# سِدرهٖ وارن اهوئي چيو

امام باقر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جبرائيل امين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله جي حڪم سان مون زمين جا اوڀر ۽ اولهہ جبل ۽ ريگستان ڳوليا، مون کي عرب کان بهتر ڪا بہ قوم نظر نہ آئي ، پوءِ الله پاڪ حڪم فرمايو، مون عرب ۾ ڳولا شروع ڪئي، مون کي مُضَر کان بهتر ڪو بہ قبيلو نہ مليو، پوءِ الله پاڪ حڪم فرمايو، مون مُضَر ۾ ڳولا شروع ڪئي، مون کي بنو ڪنانہ کان بهتر ڪوئي نظر نہ آيو، پوءِ حڪم ٿيو، مون بنو ڪنانہ ۾ ڳولا شروع ڪئي، مون کي قريش کان بهتر ڪو بہ نہ مليو، پوءِ رباني حڪم سان مون قريش ۾ ڳولا ڪئي تہ بنو هاشم کان بهتر ڪو بہ نہ مليو، پوءِ مون کي بنو هاشم جي وچ ۾ تلاش ڪرڻ جو حڪم مليو، مون تلاش ڪيو تہ اوهان کان بهتر ۽ اوهان کان افضل ڪوبہ نظر نہ آيو.

یہی بولے سدرہ والے، چمنِ جہاں کے تھالے
سبھی میں نے چھان ڈالے، تیرے پائے کا نہ پایا
تجھے یک نے یک بنایا، تجھے حمد ہے خدایا

وضاحت: حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بہ اهو ئي چيو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون سڄي دنيا ڳولي ورتي آهي پر تو جهڙو ڪو بہ نہ نظر نہ آيو، ساراهہ آهي اُن هڪ سچي خدا جي جنهن توکي بي مثل ۽ بي مثال بڻايو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: سادات سڳورن جي نسب ۾ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وٺي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام تائين جيترا بہ ابا ڏاڏا آهن سيئي فضيلت وارا ۽ بلند مرتبي وارا آهن. معلوم ٿيو: جهڙو نسب سادات

سڳورن کي نصيب ٿيو اهڙو نسب دنيا ۾ ڪنهن ٻئي جو نہ آهي.

## حسنين ڪريمين کي پنهنجي اولاد تي ترجيح ڏيندا ها

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي دورِ خلافت جو واقعو آهي تہ هڪ دفعي مديني پاڪ ۾ مالِ غنيمت آندو ويو تہ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اهو مال غنيمت ورهائڻ شروع ڪيو، اصحاب سڳورا رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم اچي پنهنجو حصو وٺي رهيا هئا، انهيءَ دوران حضرت امام حسن مجتبیٰ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ بہ تشريف ڪٺي آيا ،حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: بِالرَّحۡبِ وَالۡكَرَامَةِ يعني (خوش آمديد!) اوهان جي لاءِ عزت ۽ احترام آهي پوءِ حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کين هڪ هزار درهم (چانديءَ جا سڪا) ڏنا. ان ڪان پوءِ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ تشريف ڪٺي آيا. حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ان جو بہ اهڙي طرح احترام ڪيو ۽ هڪ هزار درهم پيش ڪيا. انهن ٻنهي شهزادن سيدزادن ڪان پوءِ حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جن جو پنهنجو فرزند حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا حاضر ٿيو، حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ انهن کي هڪ هزار درهم جي بدران 500 درهم ڏنا. حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا عرض ڪيو: اي اميرالمؤمنين! امام حسن ۽ حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا اجا ننڍيءَ عمر جا هئا، مان ان وقت بہ دين جي خدمت لاءِ سِرَ ڌَڙَ جي بازي لڳائيندو هئس، ۽ جهاد ۾ شريڪ ٿيندو هئس، ان جي باوجود توهان انهن کي هزار هزار درهم ڏنا ۽ مون کي فقط 500 درهم ڏنا؟ اهو ٻڌي حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي دل ۾ اهل بيت جي محبت جو سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳو. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اهل بيت جي محبت ۾ سرشار ٿي ڪري فرمايائون بلڪل! (جيئن توهان چئو ٿا تہ ڳالهہ ائين آهي، پر جيڪڏهن توهان انهن جي برابر حصو وٺڻ چاهيو ٿا تہ) اِذۡهَبۡ فَأۡتِنِی بِاَبٍ كَاَبِيۡهِمَا وجو پهريان حسنين ڪريمين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا جي والد جهڙو والد آڻيو، وَاُمٍّ كَاُمِّهِمَا انهن جي

ماءُ جهڙي ماءُ وَجَدٍّ كَجَدِّهِمَا انهن جي ناني جهڙو نانو آڻيو، وَجَدَّةٍ كَجَدَّتِهِمَا انهن جي نانيءَ جهڙي ناني، وَجَدَّةٍ كَجَدَّتِهِمَا انهن جي چاچي جهڙو چاچو، سندن مامي جهڙو مامو آڻيو! پوءِ انهن جي برابري ڪجو، پر ياد رک! تون ائين ڪري نه سگهندين، چاڪاڻ ته اَبُوْهُمَا فَعَلِيُّ الْمُرْتَضٰى انهن جو والد علي مرتضيٰ شير خدا رَضِیَ اللہ عَنْہُ آهي اُمُّهُمَا فَفَاطِمَةُ الزَّهْرَاءِ انهن جي ماءُ فاطمة الزهره رَضِیَ اللہ عَنْہَا آهي جَدُّهُمَا مُحَمَّدُنِ الْمُصْطَفٰى انهن جو نانو محمد مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جَدَّتُهُمَا خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى انهن جي ناني سيده خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہ عَنْہَا آهي عَمُّهُمَا جَعْفَرُ بْنُ اَبِيْ طَالِبٍ انهن جو چاچو جعفر بن ابو طالب رَضِیَ اللہ عَنْہُ آهي خَالُهُمَا اِبْرَاهِيْمُ بْنُ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو مامو حضرت ابراهيم بن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضِیَ اللہ عَنْہُ آهن ۽ خَالَتَاهُمَا رُقَيَّةُ وَاُمُّ كُلْثُوْمٍ اِبْنَتَا رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جون ماسيون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نياڻيون سيده رقيه ۽ سيده ام ڪلثوم رَضِیَ اللہ عَنْہُمَا آهن.[1]

کیا بات رضا اس چمنستانِ کرم کی | زہرا ہیں کلی جس میں حسین اور حسن پھول

## سنت فاروقيءَ تي عمل ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اولاد نسب جي لحاظ سان الڳ شان جو مالڪ آهي، انهن جهڙو نسب ٻئي ڪنهن کي نصيب نه آهي، ان واقعي مان اهو به معلوم ٿيو ته جڏهن به ڪا شيءِ ورهائڻي هجي ته سادات جي احترام ۾ انهن کي ٻيڻو حصو ڏنو وڃي، اها ئي فاروقي سنت آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقِ صحابه و اهل بيت، شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به ان فاروقي طريقي تي عمل ڪندڙ آهن، پاڻ سيّد سڳورن جي تمام گهڻي

[1] رياض النضرة ،ج۱، ص۳۴۰

عزت ڪندا آهن، ملاقات جي وقت جيڪڏهن اهو ٻڌايو وڃي ته هي سيد صاحب آهي، ڪيترائي پيرا ڏنو ويو آهي ته پاڻ عاجزي سان سيد زادي جو هٿ چمندا، انهن ڪي پنهنجي پرسان ويهاريندا آهن، سادات سڳورن جي ٻارن سان بي پناهه محبت ۽ شفقت سان پيش ايندا آهن، جڏهن ڪا شيءِ ورهائيندا آهن ته سادات سڳورن کي ٻيڻو حصو ڏيندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سيد زادي کي ڏسي هي شعر جهومي جهومي پڙهڻ لڳندا آهن.

تیری نسل پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا | تو ہے عین نور تیرا سب گھرانا نور کا

حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي صدقي الله پاڪ اسان کي به سادات ڪرام جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

حُبِّ اہلِ بیت دے آلِ محمّد کے لئے | کر شہیدِ عشق حمزہ پیشوا کے واسطے
دو جہاں میں خادمِ آلِ رسول اللہ کر | حضرتِ آلِ رسولِ مقتدا کے واسطے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اهل بيت جي نسب جي هڪ خصوصيت

اي عاشقان صحابہ و اهل بيت! هڪ ته هيءَ ڳالهه آهي ته سادات سڳورن جو نسب تمام فضيلت وارو آهي، ان سان گڏوگڏ هن پاڪ ۽ اعليٰ نسب جي هڪ خاص خوبي اها به آهي ته قيامت جو اهو خوفناڪ ڏينهن جڏهن سڀ رشتا ناتا ٽٽي ويندا، ماءُ سڪيلڏي پٽ کي جڏي ڏيندي، پيءُ پٽ کان هٿ ڇڏائيندو، ڪو به نہ پڇندو ته ڪير ڪنهن جو پٽ آهي ۽ ڪير ڪنهن جو پاءُ آهي پر قربان وڃجي! اهل بيت پاڪ جي شان تي جو سندن پاڪ نسب اها مبارڪ ۽ مضبوط

[1] وسائل بخشش، ص257.

رسي آهي، جنهن کي ڪڏهن ٽٽڻو ئي ناهي، هي نسب دنيا ۾ به قائم آهي، قبر ۾ به قائم هوندو، حشر ۾، ميزان تي، پل صراط تي هر جڳهه تي ڪم ايندو. اهڙيءَ طرح روايت آهي ته: هڪ ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڦُڦي حضرت صفيه رَضِىَ الله عَنْهَا کي ڪنهن چيو ته ”خدا جي حضور ۾ رسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قرابت (مائٽي) توهان کي فائدو نه ڏيندي.“ نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن ڳالهه جي خبر پئي ته پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي جلال واري ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ حضرت بلال رَضِىَ الله عَنْهُ کي فرمايائون: اي بلال! ماڻهن کي گڏ ڪيو...!! پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منبر تي تشريف فرما ٿيا، الله جي حمد ۽ ثناء بيان فرمائي ۽ فرمايائون: ”ڇا حال آهي انهن جو جيڪي هي گمان ڪن ٿا ته منهنجو رشتو فائدو نه ڏيندو؟ قيامت جي ڏينهن هر سبب ۽ نسب(نسب ۽ ساهرن وارو رشتو) ٽٽي ويندو، سواءِ منهنجو سبب ۽ نسب، جيڪو دنيا ۽ آخرت ۾ جڙيل آهي.[1]

علامه سيد ابن عابدين شامي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته: تقريبًا انهن ئي لفظن جي حديث ڪيترين ئي سَنَدُن ڪان مروري آهي ۽ ان ڪان علاوه به ڪيتريون ئي حديثون آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نسب، سندن اولاد کي ضرور فائدو ڏيندو، اهي هن دنيا مان سٺي حالت ۾ رخصت ٿيندا ۽ آخرت ۾ نجات حاصل ڪندا. بيشڪ سندن اولاد پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت وارو آهي.[2]

| | |
|---|---|
| آپ کی نسبت اے نانائے حسین! | ہے بڑی دولت اے نانائے حسین! (3) |

[1] مجمع الزوائد، كتاب علامات النبوة، باب في كرامة...الخ، ٨/٢٨٢، حديث:١٣٨٢٧، ملتقطاً.
[2] رسائل ابن عابدين، الرسالة الاولى، العلم الظاهر في نفع النسب الطاهر، ١/٢٧، ملخصاً.
[3] ...وسائل بخشش، ص٢٥٧.

## قيامت جي ڏينهن اولادِ مصطفيٰ ڪٿي هوندا؟

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اولاد جهڙيءَ طرح هن دنيا ۾ سردار آهي، ان شاءَ الله الڪريم هو آخرت ۾ به پرامن ۽ باوقار، دوزخ کان پري ۽ جنت جو حقدار هوندو. سوره الطور جي آيت نمبر 27 ۾ رب پاڪ فرمائي ٿو:

وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّیَّتُهُمْ بِاِیْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّیَّتَهُمْ وَمَاۤ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَیْءٍؕ

(پ27، الطور:21)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن جي (جنهن) اولاد ايمان سان گڏ انهن جي پيروي ڪئي ته اسان انهن جي اولاد کي انهن سان ملائي ڇڏيو ۽ انهن (والدين) جي عملن ۾ ڪجهه ڪمي نه ڪئي هر انسان پنهنجي عملن ۾ گروي آهي.

تفسير نور العرفان ۾ آهي: يعني جيڪڏهن مؤمنن جا اولاد مؤمن هوندا ته پوءِ اسان اولاد کي بهشت ۾ سندن والدين سان گڏ رکنداسين ۽ انهن کي جدا نه ڪنداسين. هن مان معلوم ٿيو ته والدين جي ذريعي اولاد جا درجا بلند ٿيندا آهن. نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اولاد نبي نه آهي پر جنت ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندو. هتي وسيلو ثابت ٿيو، هي به معلوم ٿيو ته جنتي شخص پنهنجي گهر وارن سان جنت ۾ رهندو، اهڙي طرح جيڪڏهن پيءُ جو رتبو گهٽ ۽ اولاد جو اعليٰ آهي ته پوءِ پيءُ کي ترقي ڏئي اولاد وٽ پهچايو ويندو. تنهنڪري اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بيبي آمنه خاتون، حضرت عبدالله رَضِیَ اللہ عَنْہُمَا ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اولاد نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندا.[1]

[1] تفسير نور العرفان، پ٢٧، الطور، تحت الآية :٢١.

## اهل بيت سڄي دنيا لاءِ امان (پناه) آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اهل بيت جي خصوصيتن مان هڪ خاصيت هيءَ بہ آهي تہ اهل بيت پاڪ يعني اسان جي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قيامت تائين اچڻ وارو اولاد دنيا جي لاءِ امان آهي. حديث شريف ۾ آهي: اَلنُّجُوْمُ اَمَانٌ لِاَهْلِ السَّمَآءِ وَاَهْلُ بَيْتِیْ اَمَانٌ لِاَهْلِ الْاَرْضِ يعني ستارا آسمان وارن لاءِ امن جو سبب آهن ۽ منهنجا اهل بيت زمين وارن لاءِ امن جو سبب آهن. (الشرف المؤبد، مترجم، ص:46) هڪ روايت ۾ آهي تہ: منهنجا اهل بيت زمين وارن لاءِ امان آهن، جڏهن منهنجا اهل بيت نہ رهندا ان وقت زمين وارن تي اهي نشانيون ظاهر ٿي ويندديون، جن جو انهن سان وعدو ڪيو ويو آهي[1]

عالم سڳورا فرمائن ٿا: دنيا مان سادات سڳورن جو ڪڇي وڃڻ قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي، يعني جڏهن دنيا ۾ ڪو هڪ بہ سيد زادو موجود نہ رهندو، تڏهن قيامت اچي ويندي. ۽ ان ۾ حڪمت اها آهي تہ قيامت بدترين ماڻهن تي ايندي، جڏهن تہ سادات سڳورا دنيا جا بهترين ماڻهو آهن.[2]

## اولاد پاڪ جي محبت فرض آهي

اي عاشقان صحابہ و اهل بيت! ياد رکو! اسان جي آقا و موليٰ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اولاد پاڪ جي محبت دين جو حصو آهي، تنهن ڪري پياري آقا حضرت احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيني شهزادن، شهزادين سان عقيدت ۽ محبت رکڻ حسنين ڪريمين رَضِیَ اللهُ عَنْہُ کان وٺي اڄ تائين جيترا سيد سڳورا آهن، انهن سان محبت ڪرڻ انهن جو احترام ڪرڻ، انهن جي تعظيم

[1] الشرف المؤبد، مترجم، ص:77

[2] الشرف المؤبد، مترجم، ص:77

ڪرڻ اسان سيني جي مٿان لازم آهي. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِی الْقُرْبٰىؕ
(پ25، الشوریٰ:23)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اوهان فرمايو: مان ان تي توهان کان ڪو معاوضو نہ ٿو گهران سواءِ قرابت جي محبت جي

علامہ بغوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکي ٿو تہ: هن آيت سڳوريءَ جو هڪ مطلب هي آهي تہ (اي انسانو! مان توهان کي دين سيکاريان ٿو، مان توهان جي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون توهان تائين پهچايان ٿو) ان تي مان توهان کان ڪو معاوضو، ڪو بدلو نٿو طلب ڪيان، البتہ مان توهان کي پنهنجي اهل بيت سان محبت ڪرڻ جي نصيحت ڪيان ٿو. هن مان معلوم ٿيو تہ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت، سندن رشتيدارن جي محبت دين جي فرضن مان هڪ فرض آهي. (بغوي)

## ان وقت تائين، هو مومن نہ ٿو ٿي سگهي

سرورِ نامدار. ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي تہ: لَایُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَیْهِ مِنْ نَفْسِهٖ ڪوبہ ٻانهو ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين مان ان کي ان جي جان کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان، وَذَاتِیْ اَحَبَّ اِلَیْهِ مِنْ ذَاتِهٖ ۽ منهنجي ذات ان کي پنهنجي ذات کان وڌيڪ محبوب نہ هجي. وَتَكُوْنَ عِتْرَتِیْ اَحَبَّ اِلَیْهِ مِنْ عِتْرَتِهٖ ۽ منهنجو اولاد ڪيس پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پيارو نہ هجي. وَاَهْلِیْ اَحَبَّ اِلَیْهِ مِنْ اَهْلِهٖ ۽ منهنجا اهل بيت ان کي پنهنجي گهر وارن کان وڌيڪ پيارا ۽ محبوب نہ ٿي وڃن.[1]

[1] شعب الايمان، باب في حب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ١٨٩/٢، حديث:١٥٠٥.

## اهل بيت جي محبت عشقِ رسول جو نتيجو آهي

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ مديني جي سلطان، سرورِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَحِبُّوااللّٰہَ لِمَايَغْذُوْکُمْ مِنْ نِعَمِہٖ الله پاڪ سان پيار ڪيو ڇوتہ هو توهان کي نعمتون عطا فرمائي ٿو. وَاَحِبُّوْنِیْ بِحُبِّاللّٰہِ ۽ الله جي محبت سبب مون سان محبت ڪيو(ڇوتہ مان الله جو حبيب آهيان) وَاَحِبُّوْااَھْلَ بَیْتِیْ بِحُبِّیْ ۽ مونسان محبت جي ڪري منهنجي اهل بيت سان محبت ڪيو.[1]

حُبِّ سادات اے خدا! دے واسطہ | اہلِ بیتِ پاک کا فریاد ہے

## خدا جي محبت جي نشاني

هڪ روايت ۾ آهي: جيڪو الله پاڪ سان محبت رکي ٿو اهو قرآن سان محبت رکي ٿو ۽ جيڪو قرآن سان محبت رکي ٿو اهو مون سان محبت رکي ٿو ۽ جيڪو مون سان محبت رکي ٿو اهو منهنجن اصحابن ۽ اهل بيتن سان محبت رکي ٿو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: اصحابن سڳورن ۽ اهل بيت سڳورن سان محبت رکڻ عشقِ رسول جو نتيجو آهي، مومن ٻانهي جي سڃاڻپ هيءَ آهي تہ هو الله پاڪ سان محبت ڪندو آهي. الله پاڪ سان محبت ڪرڻ واري جي سڃاڻپ هيءَ آهي تہ هو قرآن پاڪ سان محبت ڪري ٿو ۽ قرآن سان محبت ڪرڻ واري جي سڃاڻپ هيءَ آهي تہ ان جي دل ۾ محبوبِ خدا، احمدِ مجتبیٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت هوندي آهي. ۽ جنهن جي دل ۾ محبت رسول موجود هجي، ان جي سڃاڻپ هيءَ آهي تہ ان کي اصحابن سڳورن رَضِیَ اللہُ عَنْہُم سان بہ

[1] ترمذي ،ڪتاب المناقب باب مناقب اهل بيت النبي ،۵/۴۳۴، حديث:۳۸۱۴

[2] الصواعق المحرقة ، الباب الحادي عشر، المقصد الثاني الخ، ص۱۷۳

محبت هوندي آهي، ۽ اهو اهل بيت پاڪ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم سان بہ محبت ڪندو آهي. هي سڀ تعلق ملائڻ جو نتيجو هي نڪتو تہ صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت سڳورن جي محبت مسلمان هجڻ جي نشاني آهي.

اَہلِ سُنّت کا ہے بیڑا پار اَصحابِ رسول | نجم ہیں اور ناؤ ہے عترت رسول اللہ کی

**وضاحت:** يعني اسان عاشقانِ رسول جو ٻيڙو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا، قبر، قيامت، پلصراط هر جاءِ تي پار ئي پار آهي ڇوتہ الله پاڪ جي فضل سان اسان هدايت جي ستارن يعني اصحابن سڳورن رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم سان محبت ڪيون ٿا ۽ اسان فتنن جي طوفان کان بچائڻ واري ٻيڙي يعني اولاد مصطفيٰ سان بہ محبت ڪيون ٿا.

## سرڪار جو قرب ماڻڻ وارو خوش نصيب

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ حضور اڪرم مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو منهنجي اصحابن، منهنجي پاڪ گهر وارين (يعني مؤمنن جي مائرن) ۽ منهنجي اهلبيت سان عقيدت رکي ٿو، اهو صرف انهن مان ڪنهن جي بہ برائي ناهي ڪندو، انهن جي محبت ۾ دنيا مان رخصت ٿيندو آهي، اهو قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ هوندو.[1]

## عاشقانِ اهل بيت جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جو منظر

امام عالي مقام حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ مالڪِ جنت قاسمِ نعمت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي علي! اهي 4 ماڻهون جيڪي سڀ کان پهريان جنت ۾ ويندا، انهن مان هڪ مان آهيان، هڪ تون آهين ۽ 2 تنهنجا پٽ حسن ۽ حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا آهن، اسان جو اولاد اسان جي پٺيان

[1] الرياض النضرة ،الباب الاول،ذڪر ماجاءَ في الحث علي حبهم والاحسان اليهم ...الخ، ٢٢/١

هوندو ۽ اسان جون گهر واريون انهن جي پنيان هونديون، حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہ عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! اسان جو گروهه (يعني اسان سان محبت ڪرڻ وارا) ڪٿي هوندا؟ پاڻ فرمايائون: تنهنجو گروهه تنهنجي پنيان جنت ۾ ويندو.

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي...! ٿورو تصور ته ڪريو! اهو ڪيڏو نه خوبصورت منظر هوندو، اسان جا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، حضرت مولىٰ علي رَضِیَ اللہ عَنْہُ ۽ حسنين ڪريم رَضِیَ اللہ عَنْہُمَا گڏجي جنت ۾ داخل ٿيندا، سادات سڳورا به انهن جي پنيان هوندا ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان، اصحابن ۽ اهل بيت جا عاشق، انهن جي پنيان پنيان جنت ۾ پهچي ويندا سين.[1]

باغِ جنّت میں محمد مسکراتے جائیں گے
پھول رحمت کے جھڑیں گے، ہم اُٹھاتے جائیں گے

## اهل بيت جو سچو عاشق ڪير آهي؟

اي عاشقان صحابه و اهل بيت! اهل بيت جو سچو عاشق ڪير هوندو آهي؟ هي به ٻڌو! روايت آهي ته: هڪ ڏينهن حضرت امير معاويه رَضِیَ اللہ عَنْہُ خطبو ڏئي رهيا هئا ته ايتري ۾ امامِ عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللہ عَنْہُ تشريف کڻي آيا، حضرت امير معاويه رَضِیَ اللہ عَنْہُ جلدي خطبو مڪمل ڪري منبر تان هيٺ لهي آيا، پوءِ امام حسين رَضِیَ اللہ عَنْہُ منبر تي وينا ۽ پاڻ الله پاڪ جي حمد و ثناء بيان ڪيائون پوءِ فرمايائون: منهنجي نانا مون کي ٻڌايو ته الله پاڪ فرمائي ٿو: عرش عظيم جي پائي هينان سائي رنگ جي هڪ تختي آهي، ان تي لکيل آهي: اي آلِ محمد صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا گروهه! توهان مان جيڪو به قيامت جي ڏينهن

[1] ابنِ عساکر، ج۱۴، ص:۱۶۹

لَااِلٰہَ اِلَّا اللہ جي گواهي ڏئي ايندو، تہ الله پاڪ ان کي بهشت ۾ داخل ڪندو.

اهو ٻڌي حضرت امير معاويہ رضی اللہ عنہ پڇيو: اي ابو عبدالله (يعني امام حسين رضی اللہ عنہ)! آل محمد جو گروهہ ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون: جيڪو شيخين يعني ابوبڪر ۽ عمر، عثمان غني رضی اللہ عنہم، منهنجي والد محترم مولا علي رضی اللہ عنہ ۽ اي معاويہ رضی اللہ عنہ توکي برو نہ ٿو چوندو هجي اُهو آل محمد جو گروهہ آهي.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! معلوم ٿيو: جيڪو شخص اصحابن سڳورن رضی اللہ عنہم جو ادب ڪري ٿو، چئن يارن جو بہ ادب ڪري ٿو ۽ خالُ المؤمنين (يعني سيني مسلمان جي پياري مامي) حضرت امير معاويہ رضی اللہ عنہ جي خلاف بہ زبان نٿو کولي اهو سچو عاشقِ اهل بيت آهي.

هر صحابیٔ نبی! جنّتی جنّتی
سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی
حضرتِ صدّیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عُمرِ فاروق بھی! جنّتی جنّتی
عُثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی
ہیں حسن و حسین بھی! جنّتی جنّتی
والِدَین نبی! جنّتی جنّتی
ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابوسُفیان بھی! جنّتی جنّتی
ہیں معاویہ بھی! جنّتی جنّتی[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ابن عساڪر، ج14، ص:114

[2] …وسائلِ فردوس،صفحہ:53۔

# اهل بيت سان محبت جو صلو

پيارا اسلامي ڀائرو! امام فخرالدين رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تفسير ڪبير ۾ ايمان کي وڌائيندڙ حديث لکي آهي اچو! ٻڌون ٿا: اسان جي پياري نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَلَا مَنْ مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ مَاتَ شَهِيْدًا يعني ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ فوت ٿيو، اهو شهيد آهي، اَلَاوَمَنْ مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ مَاتَ مَغْفُوْرًا لَّهٗ ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ مري ويو ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا، اَلَاوَمَنْ مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ مَاتَ تَائِبًا ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ مري ويو اهو هڪ توبهه ڪندڙ ٿي ڪري مري ويو، اَلَا وَمَنْ مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ مَّاتَ مُؤْ مِنًا مُّسْتَكْمِلَ الْاِ يْمَانِ ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ فوت ٿيندو، اهو مڪمل ايمان سان دنيا مان ويو، اَلَا وَمَنْ مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ بَشَّرَهٗ مَلَكُ الْمَوْتِ بِالْجَنَّةِ ثُمَّ مُنْكَرٌوَّ نَكِيْرٌ ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ مري ويو ان کي ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ پوءِ مُنڪر نڪير جنت جي خوشخبري ڏيندا آهن، اَلَا وَمَن مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ يُزَفُّ اِلَى الْجَنَّةِ كَمَا تُزَفُّ الْعُرُوْسُ اِلٰى بَيْتِ زَوْجِهَا ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ مري وڃي ٿو، ان کي ائين عزت سان جنت ۾ موڪليو ويندو آهي جيئن ڪنوار کي گهوٽ جي گهر موڪليو ويندو آهي. اَلَا وَمَن مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ فُتِحَ لَهٗ فِىْ قَبْرِهٖ بَابَانِ اِلَى الْجَنَّةِ ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ مري ويو ان جي قبر ۾ جنت جا ٻه دروازا کوليا وڃن ٿا، اَلَا وَمَن مَّاتَ عَلٰى حُبِّ اٰلِ مُحَمَّدٍ جَعَلَ اللّٰهُ قَبْرَهٗ مَزَارَ مَلَا ئِكَةِ الرَّحْمَةِ ٻڌي ڇڏيو! جيڪو اهل بيت جي محبت ۾ مري ويو ان

جي قبر تي ملائڪ زيارت لاءِ ايندا آهن،[1]

## اهل بيت پاڪ جي سُڃاڻپ جي برڪت

حضرت علامہ قاضي عياض مالڪي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه شفاء شريف ۾ لکن ٿا: مالڪِ ڪونين، ناناءِ حسنين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن فرمايو: آل محمد جي معرفت (يعني سڃاڻپ) دوزخ کان ڇوٽڪارو، انهن سان محبت پل صراط تي آساني ۽ انهن سان سنو ورتاءُ ڪرڻ عذابِ الهي کان اَمان آهي.[2]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! مصطفيٰ جي اولاد جي محبت ڪيڏي نہ عظيم نيڪي آهي، جيڪو ان محبت ۾ دنيا مان هليو وڃي، اهو شهيد آهي، ان جي لاءِ بخشش آهي، جيڪو آلِ نبيءَ جي محبت ۾ دنيا مان ويو، اهو ڪامل ايمان وارو آهي، جيڪو آلِ نبيءَ جي محبت ۾ دنيا مان ويندو، ان کي جنت جي خوشخبري ڏني ويندي آهي، جيڪو آلِ نبيءَ جي محبت ۾ دنيا مان ويندو، ان کي عزت سان جنت ۾ داخل ملندي، جيڪو آلِ نبيءَ جي محبت ۾ دنيا مان ويندو، ان جي قبر ۾ جنتي دروازا کلندا، جيڪو آلِ نبيءَ جي محبت ۾ دنيا مان ويندو، رحمت جا فرشتا ان جي قبر تي زيارت جي لاءِ ايندا، ۽ جيڪو آلِ نبيءَ سان محبت ڪرڻ وارو آهي، ان کي پل صراط تي امن ڏنو ويندو الله پاڪ اسان کي به هيءَ پاڪيزه محبت نصيب فرمائي آمين.

حُبِّ اہلِ بیت دے آلِ محمّد کے لئے
کر شہیدِ عشق حمزہ پیشوا کے واسطے

دو جہاں میں خادمِ آلِ رسول اللہ کر
حضرتِ آلِ رسولِ مقتدا کے واسطے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] تفسير ڪبير، 390/7

[2] الشفا، الباب الثالث، فصل في توقيره وبر آله...الخ،الجزء الثاني، ص٤٠

## اولاد پاڪ جو تعداد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڏٺو! آلِ نبي جي معرفت (يعني سڃاڻپ، مثال طور انهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ، انهن جي فضيلت ڪي سڃاڻڻ وغيره) دوزخ کان ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي، اچو! اولادِ مصطفيٰ جي باري ۾ توري ڄاڻ حاصل ڪيون ٿا:

عالمن سڳورن جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون فقط 4 شهزاديون آهن (نہ 3، نہ 5). باقي، شهزادن جي تعداد ۾ اختلاف آهي. اڪثر عالمن جو چوڻ هي آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اولاد پاڪ جو تعداد 7 آهي. انهن ۾ 4 شهزاديون آهن: **(1):** حضرت زينب، **(2)** حضرت رقيہ، **(3)** حضرت ام ڪلثوم ۽ **(4):** حضرت فاطمة الزهره ۽ ٽي شهزادا آهن: **(5):** حضرت قاسم، **(6):** حضرت عبدالله ۽ **(7):** حضرت ابراهيم. رَضِیَ اللهُ عَنْهُم

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سڀئي شهزادا ننڍيءَ ڄمار ۾ ئي وفات ڪري ويا، جڏهن تہ شهزاديون گهٽي عرصي تائين زنده رهيون، حضرت زينب، حضرت رقيہ ۽ حضرت اُم ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويون، چوٿين شهزادي حضرت فاطم الزهرا رَضِیَ اللهُ عَنْهَا آهي جيڪا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات کان بعد هڪ عرصو زنده رهي پهرين ٽن شهزادين مان ڪنهن جو بہ اولاد باقي نہ رهيو، صرف حضرت فاطمہ زهره مان ئي اولاد اڳتي وڌيو، هاڻي دنيا ۾ جيترا بہ سيد آهن سڀ حضرت امام حسن مجتبيٰ ۽ حضرت امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي اولاد مان آهن.

اولاد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبة

المدينہ جو هي مختصر ڪتاب ”آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا شهزادا ۽ شهزاديون“ پڙهو!

اور جتنے ہیں شہزادے اس شاہ کے
ان سب اہلِ مکانت پہ لاکھوں سلام
خونِ خیر الرسل سے ہے جن کا خمیر
ان کی بے لوث طینت پہ لاکھوں سلام[1]

وضاحت : هن شعر ۾ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي پياري آقا جي اولاد تي سلام پيش ڪيو آهي، جيئن تہ عرض ڪن ٿا: اهي پاڪ هستيون جن جي پيدائش سيد المرسلين صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ خون مان ٿي، انهن جي بي عيب فطرت تي لکين سلام هجن.

## اهل بيت سان نفرت ڪرڻ وارن جو انجام

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن حضرت مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اولاد سان محبت ڪرڻ جا بيشمار فضائل ۽ برڪتون آهن، تيئن ئي انهن سان بغض ۽ دشمني رکڻ جون بہ ڪيئي سخت وعيدون آهن.

جيئن حديث پاڪ ۾ آهي تہ: جيڪو چاهي ٿو تہ ان جي عمر ڊگهي ٿئي ۽ ان جون مرادون پوريون ٿين تہ اهو منهنجي اهل بيت سان سٺو ورتاءُ ڪري ۽ جيڪو انهن سان سٺو سلوڪ نہ ڪندو تہ ان جي عمر گهٽائي ويندي ۽ اهو شخص قيامت جي ڏينهن مون وٽ اهڙي حالت ۾ ايندو جو ان جو منهن ڪارو هوندو.[2] الله پاڪ جي پناهہ

## اهل بيت تي ظلم ڪرڻ واري تي جنت حرام آهي

مڪي مدني تاجدار غريبن جي غمخوار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن

---

1...حدائق بخشش، ص۳۰۹.
2 الصواعق المحرقہ،ص 107

شخص منهنجي اهل بيت تي ظلم ڪيو ۽ منهنجي اولاد جي باري ۾ مون کي ايذايو ان تي جنت حرام ٿي وئي.[1]

## اهل بيت سان دشمني رکڻ وارو جهنمي آهي

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص ڪعبي شريف ۽ مقام ابراهيم جي وچ ۾ نماز پڙهي، اتي رهي روزو رکي ۽ پوءِ اهل بيت جي دشمني ۾ مري وڃي ته اهو دوزخ ۾ ويندو.[2]

باغ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اَہلِ بیت | تم کو مژدہ نار کا اے دُشمنانِ اَہلِ بیت

وضاحت: جيڪي ماڻهو اهل بيت سان محبت ڪن ٿا انهن جي تعريف ڪيون ٿا، انهن لاءِ بهشت جا باغ آهن ۽ جيڪي اهل بيت جا دشمن آهن انهن لاءِ جهنم جي وعيد آهي.

## جيڪڏهن سادات سڳورا گناه ڪري ويهن ته.......!!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي به ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن خدانخواسته ڪو سيد صاحب گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃي تڏهن به انهن جي بي ادبي ڪرڻ جي اجازت ناهي.

سندن ادب جيئن جو تيئن قائم رهندو، ڇاڪاڻ ته سادات جو ادب سندن شخصيت جي ڪري نه پر سادات جي سردار، رسولِ مختار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سان نسبت جي ڪري آهي.

ان ڪري جيڪڏهن ڪو سيد صاحب شريعت جي خلاف ڪنهن ڪم ۾ مشغول

---

[1] الشرف المؤبد لآل محمد للنبهاني ص 259

[2] الشرف المؤبد ص ۹۲،اَلْمُسْتَدْرَک لِلْحاکم، ۴/ ۱۲۹۔۱۳۰،حدیث:۴۷۶۶

نظر اچي تہ بہ ان جي خلاف دل ۾ مير نہ رکجي، بلڪ انهن کي ادب سان نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ گهرجي. علامہ ابن حجر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکي ٿو تہ: هڪ امام صاحب سيد زادن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو، ڪنهن ڪانئس پڇيو تہ: توهان سيد زادن جي ايتري عزت ڇو ٿا ڪريو؟ امام صاحب فرمايو: هڪ سيد صاحب هو جيڪو فضول ڪمن ۾ مصروف رهندو هو، جڏهن وفات ڪيائين تہ منهنجي استاد صاحب ان جي جنازي نماز ادا نہ ڪئي، بعد ۾ منهنجي استاد کي خواب ۾ محبوب آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ سندن شهزادي حضرت خاتون جنت رَضِیَ اللّٰه عَنْهَا بہ هئي، حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰه عَنْهَا منهنجي استاد محترم کان مُنهن موڙي ڇڏيو، استادِ محترم عاجزيءَ سان عرض ڪيو تہ فرمايائون: **ڇا اسان جي اولاد جي عزت ڪرڻ لاءِ اسان جي عزت ۽ عظمت ڪافي ناهي**...!![1]

يعني جيڪڏهن اوهان کي اسان جي اولاد ۾ ڪا بہ نيڪي نظر نہ آئي تہ اسين تہ عزت ۽ احترام وارا آهيون، اسان جي عزت سامهون رکندي اسان جي اولاد جي عزت ڪريو!

الله پاڪ اسان کي سيدزادن جو ادب و احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

الله پاڪ اسان کي صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت پاڪ رَضِیَ اللّٰه عَنْهُم جو باادب، سچو عاشق بڻائي.

۽ انهن جي دشمنيءَ ۽ گستاخيءَ کان هميشہ محفوظ فرمائي،

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محفوظ سدا رکھنا شہا بے ادبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

[1] الشرف المؤبد مترجم، ص:٢٩١

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالي جو مطالعو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ اصحابن ۽ اهلبيت جي محبت وڌائڻ، سادات سڳورن جو باادب بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلاميءَ جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ ڀرپور شرڪت ڪريو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! توهان کي دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون، ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ هفتيوار رسالو مطالعو پڻ آهي.

شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر ڇنڇر تي رات مدني مذاڪري ۾ هڪ رسالي جو اعلان فرمائيندا آهن، گڏ دعائن سان به پڻ نوازيندا آهن، هڪ مختصر رسالو هوندو آهي، جيڪو سڄي هفتي ۾ پڙهڻو هوندو آهي، توهان به همت ڪيو! هر ڇنڇر تي توهان مدني مذاڪري ۾ ضرور شرڪت ڪندا ڪيو، جنهن رسالي جو اعلان ٿئي اهو حاصل ڪري پڙهو، بلڪ گهر وارن کي به پڙهي ٻڌايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

توهان کي دين جو علم سکڻ جو ثواب به ملندو، تمام گهڻي معلومات به هٿ ايندي ۽ وقت جي ڪامل وليءَ جون دعائون به نصيب ٿينديون، اچو ته! مان توهان جي ترغيب لاءِ توهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

## ڪربلا جو خوني منظر رسالي جي مدني بهار

هڪ مبلغ دعوتِ اسلاميءَ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جو خاندان بد مذهبن سان تعلق رکندڙ هو، نندپڻ کان ئي هي سمجهايو ويو هو ته عاشقان رسول

عالمن سڳورن ۽ ڪنهن بہ ديندار شخص جي ويجهو بہ نہ ويجهان، نہ تہ هو توکي گمراهہ ڪري ڇڏيندا، جيئن تہ عاشقانِ رسول کي مذهبي لباس ۾ ڏسي، انهن تي ٺٺوليون ڪرڻ، فلمون ڏسڻ، گناهن ۾ مشغول ٿيڻ منهنجو عام معمول هو، منهنجي اصلاح جو سامان ڪجهہ اهڙي طرح ٿيو جو منهنجو پيارو مامو پنهنجي بد مذهبيت کان توبہ ڪري دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ شامل ٿي ويو، هڪ ڏينهن مامي مون کي هڪ رسالو ڏنو، جنهن جو نالو هيو، "ڪربلا جو خوني منظر" مون رسالو رکيو، نالو پڙهيم تہ ڏاڍو سنو لڳو، مون اهو رسالو کولي پڙهڻ شروع ڪيو، پهريون دفعو اهلبيت سان عقيدت جو اظهار اهڙي با ادب انداز ۾ پڙهيو هيم، لکڻ جو انداز ايترو تہ درد ڀريل ۽ اثرائتو هو جو لفظ منهنجي دل تي لهندا ويا، رسالو پڙهندي پڙهندي مان ڪربلا وارن تي ٿيندڙ ظلم و ستم جو خيال ڪري روئڻ لڳس. ڪربلا جي واقعي جي حوالي سان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڏنل اصلاح جي مدني گلن مون کي جهنجهوڙي(سجاڳ ڪري) ڇڏيو، مون کي روئندو ڏسي، منهنجي ڀيڻ ويجهو آئي، مون ان کي بہ ٻڌائڻ شروع ڪيو، هوءَ بہ مون سان گڏ روئڻ لڳي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اصحابن و اهل بيت رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي عاشق جي هٿ سان لکيل رسالي جي برڪت هتون هٿ ظاهر ٿي ۽ مون ۽ منهنجي ڀيڻ انهي ئي وقت توبهہ ڪئي ۽ نماز پڙهڻ جي نيت ڪئي، هي سڌي راهہ پهريون قدم هو، پوءِ آهستي آهستي دروازا کُلندا ويا، مون دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ بہ شرڪت ڪئي، پوءِ آهستي آهستي سيني گهر وارن بہ بد مذهبيت کان توبهہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ شامل ٿي ويا.

عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول
ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول

سنور جائے گی آخرت ان شآءَاللہ
تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## منڊي جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! مرد کي سوني منڊي (Gold) پائڻ حرام آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوني منڊي پائڻ کان منع فرمايو، ❁ سون ۽ چانديءَ جا زيور نابالغ (يعني تمام ننڍي) ڇوڪري کي پائڻ حرام آهي ۽ ان کي پارائڻ وارو گنهگار ٿيندو، اهڙيءَ طرح ٻارن (يعني ڇوڪرَن) جي هٿن ۽ پيرن تي بغير ضرورت جي مهندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پاڻ پنهنجن هٿن پيرن تي مهندي لڳائي سگهي ٿي ، پر ڇوڪري کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي، ❁ لوهہ جي منڊي جهنمين جو زيور آهي ❁ مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊيءَ وانگر هجي، يعني فقط هڪ ٻُڙي جي هجي، جيڪڏهن ان ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻڙا هجن، جيتوڻيڪ اها چانديءَ جي ئي هجي، مرد جي لاءِ ناجائز آهي، ❁ ٻڙي کان سواءِ منڊي پائڻ نا جائز آهي، چو تہ اها منڊي نہ چلو آهي، ❁ چانديءَ جي هڪ منڊي هڪ ٻڙي سان پائڻ جائز آهي، جنهن جو وزن ساڍا 4 ماشہ (يعني 4 گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي، عيدُن ۾ منڊي پائڻ مستحب آهي، پر مردن کي اها ئي جائز منڊي پائڻ گهرجي، ❁ مرد کي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي ترِيءَ ڏانهن رکڻ گهرجي ۽ عورت جي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي پنيءَ پاسي رکڻ

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

گهرجي، ❁ چانديءَ جو چلو خاص عورتن جو لباس آهي مردن لاءِ مڪروه (تحريمي، ناجائز ۽ گناهه آهي) ❁ عورت سون ۽ چانديءَ جون جيتريون چاهي منديون ۽ چلا پائي سگهي ٿي، ان ۾ وزن ۽ ٻڙي جي تعداد جي ڪا پابندي نه آهي ❁ لوهه جي مندي تي چانديءَ جو خول چڙهايو جو لوهه بلڪل نظر نه اچي، اهڙي مندي پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن کي) به منع ناهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جو ڪتاب بهار شريعت جلد نمبر 3، حصو: 16، ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه، 91 صفحن تي مشتمل 550 سنتون ۽ آداب خريد ڪري پڙهو، سنتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي،

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو(2)

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] 550سنتون ۽ آداب، صفحو:57-58ملتقطاً۔
[2] …وسائل بخشش، صفحہ:669۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد    صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455